# سنڌ آرڊيننس نمبر XXX مجريہ 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XXX OF 2002
# سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE SINDH CIVIL COURTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1962 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر II جي دفعہ 7 جي تبديلي

Substitution of Section 7 of W.P Ordinance No.II of 1962

3. 1962 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر II جي دفعہ 18 جي ترميم

Amendment of Section 18 of W.P Ordinance No.II of 1962

4. 1962 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر II جي دفعہ 24 جي ترميم

Amendment of Section 24 of W.P Ordinance No.II of 1962

5. معاملن جي منتقلي

Transfer of matters

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXX مجريه 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XXX OF 2002
# سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE SINDH CIVIL COURTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[18 سيپٽمبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پروويزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

| | |
|---|---|
| (2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو. | Short title and commencement |
| 2. سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 7 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:<br>("7. ضلعي جج جي عدالت جو حقيقي دائره اختيار.) هن آرڊيننس يا وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون موجب، سول مقدمن ۽ ڪارروائين ۾ ضلعي جج جي عدالت جو حقيقي دائره اختيار بنا حد جي هوندو يا ان سلسلي ۾ ڪراچي ضلعي ۾ ملهہ جي سلسلي ۾ سول سوٽس ۽ ڪارروائين تي ٽيهہ لک رپيين کان وڌيڪ ملهہ لاءِ حقيقي دائره اختيار هاءِ ڪورٽ کي حاصل هوندو.". | 1962 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر II جي دفعہ 7 جي تبديلي<br>Substitution of Section 7 of W.P Ordinance No.II of 1962 |
| 3.ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 18 ۾ ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:<br>"(1)سواءِ ان جي جيئن مٿي ڄاڻايل آهي هڪ سول جج جي ڊڪري يا آرڊر خلاف اپيل ڊسٽرڪٽ جج کي ڪئي ويندي.". | 1962 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر II جي دفعہ 18 جي ترميم<br>Amendment of Section 18 of W.P Ordinance No.II of 1962 |
| 4.ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 24 ۾ لفظ "پنج لک رپيا" جتي بہ اچن، انهن کي لفظن "ٽيهہ لک رپيا" سان تبديل ڪيو ويندو. | 1962 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر II جي دفعہ 24 جي ترميم<br>Amendment of |

| | |
|---|---|
| Section 24 of W.P Ordinance No.II of 1962 | |
| معاملن جي منتقلي Transfer of matters | 5.سمورا مقدما، اپيلون ۽ ڪارروايون جيڪي ضلعي جج طرفان ٻڌڻ جوڳيون اصلي ملھ يان ان جي ڏوڪڙن بابت دائره اختيار جي ملھ کان وڌيڪ نہ هجن ۽ ڪراچي کان ٻاهر هجن جيڪي هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ ترتيبوار هاءِ ڪورٽ ۾ التوئ هيٺ هجن اهي نيڪال لاءِ لاڳاپيل ضلعي جج ڏانهن منتقل ٿي ويندا. |
| | **نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** |